إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحٰفِظُوْنَ○ الحجر: 15/9

# شَرحُ البَيَانِ فِی فہمِ القُرآنِ

## جلد ١

سُوْرَةُ الْفَاتِحه ـــــ سُوْرَةُ النِّسَآءِ


ترجمو ۽ تشريح

ڪپتان غُلام حُسين "مُشتاق" سِچارويِ

# اسماء اللہ الحسنیٰ

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| هو الله الذي لا اله الا هو | الرحمن جل جلاله | الرحيم جل جلاله | الملك جل جلاله | القدوس جل جلاله | السلام جل جلاله | |
| المؤمن جل جلاله | المهيمن جل جلاله | العزيز جل جلاله | الجبار جل جلاله | المتكبر جل جلاله | الخالق جل جلاله | البارئ جل جلاله |
| المصور جل جلاله | الغفار جل جلاله | القهار جل جلاله | الوهاب جل جلاله | الرزاق جل جلاله | الفتاح جل جلاله | العليم جل جلاله |
| القابض جل جلاله | الباسط جل جلاله | الخافض جل جلاله | الرافع جل جلاله | المعز جل جلاله | المذل جل جلاله | السميع جل جلاله |
| البصير جل جلاله | الحكم جل جلاله | العدل جل جلاله | اللطيف جل جلاله | الخبير جل جلاله | الحليم جل جلاله | العظيم جل جلاله |
| الغفور جل جلاله | الشكور جل جلاله | العلي جل جلاله | الكبير جل جلاله | الحفيظ جل جلاله | المقيت جل جلاله | الحسيب جل جلاله |
| الجليل جل جلاله | الكريم جل جلاله | الرقيب جل جلاله | المجيب جل جلاله | الواسع جل جلاله | الحكيم جل جلاله | الودود جل جلاله |

إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحٰفِظُوْنَ○ الحجر: 15/9

# شرحُ البيانِ في فهمِ القرآنِ

جلد ١ (سُوْرَةُ الْفَاتِحه ـ سُوْرَةُ النِّسَآءِ)

ترجمو تشرِيح


ڪپتان غُلام حُسين ”مُشتاق“ سِچاروِي



سروات پبلِيڪيشن حيدرآباد - سنڌ

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ



| | |
|---|---|
| نالو: | شَرحُ البَيانِ فِي فَهمِ القُرآنِ |
| ترجمو ۽ تشريح: | ڪپتان غلام حسين ’مشتاق‘ سچاروي |
| ڪمپوزنگ: | اسدالله پتو (0321-3010894) |
| ڇاپو پهريون: | جنوري 2024 ع |
| هديه: | 1000/ روپيا |
| تعداد: | 500/- |
| ڇپائيندڙ: | سرواڻ پبليڪيشن<br>بنگلو 53/3، لياقت روڊ، سول لائين حيدرآباد<br>موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577 |
| ڇاپيندڙ: | ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي. 0300-2879794 |

## ملڻ جو هنڌ

**سرواڻ پبليڪيشن**

بنگلو 53/3، لياقت روڊ، سول لائين حيدرآباد

فون: 0222108020 - 0222781712

موبائيل فون: 03009371724 - 03411234577

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ○ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ○

- اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ○ (الحجر: 15/ 9)

- هٰذَا بَيَانٌ لِّلنَّاسِ وَهُدًى وَّمَوْعِظَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ○ (آل عمران: 9/ 138)

- وَاِنْ كُنْتُمْ فِيْ رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَادْعُوْا شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾
(البقره: 2/ 23)

- لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۭ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ○ (الحشر: 59/ 21)

- اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ
(بني اسرائيل: 17/ 9)

- وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِيَذَّكَّرُوْا ۭ وَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ○ (بني اسرائيل: 17/ 41)

- وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ○ (بني اسرائيل: 17/ 82)

# خراجِ عقيدت

- جَمِيعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْآنِ لٰكِنْ     تَقَاصُرُ عَنْهُ اِفْهَامُ الرِّجَالِ

- مثنوی و مولوی و معنوی     ہست قرآن در زبانِ پہلوی

(مولانا روم رحمة الله عليه)

- جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين     نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي

(شاه عبداللطيف رحمة الله عليه)

- فاش گویم آنچہ در دل مضمر است     ایں کتابے نیست چیزے دیگر است
  مثل حق پنہاں وہم پیدا است ایں     زندہ و پائندہ و گویا است ایں
  چوں بجاں در رفت جاں دیگر شود     جاں چوں دیگر شد جہاں دیگر شود
  حرف اورا ریب نے تبدیل نے     آیہ اش شرمندۂ تاویل نے
  آں کتابے زندہ قرآنِ حکیم     حکمتِ او لایزال است و قدیم
  نسخۂ اسرار تکوینِ حیات     بے ثبات از قوّتش گیرد ثبات

(اقبال رحمة الله عليه)

- وہ بجلی کا کڑکا تھا یا صوتِ ہادی     عرب کی زمیں جس نے ساری ہلادی
  نئی اک لگن سب کو دل میں لگادی     اک آواز میں سوتی بستی جگادی
  اتر کر حرا سے سوئے قوم آیا     اور اک نسخۂ کیمیا ساتھ لایا

(مُسدّس حالي)

- یتیمے کہ ناکردہ قرآن درست     کتب خانۂ دین ہائے شکست

(شيخ سعدي رحمة الله عليه)

- لَهَا مَعَانٍ كَمَوْجِ الْبَحْرِ فِي مَدَدٍ     وَفَوْقَ جَوْهَرِهِ فِي الْحُسْنِ وَالْقِيَمِ
  قَرَّتْ بِهَا عَيْنُ قَارِيهَا فَقُلْتُ لَهُ     لَقَدْ ظَفِرْتَ بِحَبْلِ اللهِ فَاعْتَصِمِ

(قصيده برده: امام بوصيري رحمة الله عليه)

# فهرست

| صفحو | عنوان |
|---|---|


عرض حال ---------------------------------------- i

- سورة الفاتحه ---------------------------------------- 1
- سورة البقره ---------------------------------------- 15
- سوره آل عمران ---------------------------------------- 308
- سورة النساءِ ---------------------------------------- 476

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# عرضِ حال

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعَالَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡاَنۡبِیَآءِ وَالۡمُرۡسَلِیۡنَ خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ وَعَلٰی آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَاُمَّتِہٖ اَجۡمَعِیۡنَ

اما بعد! زندگيءَ جا نهايت قيمتي چوراسي سال اک ڇنڀ ۾ گذري ويا، جڏهن جواني به هئي، صحت ۽ توانائي به هئي، ڪم ڪرڻ جي قوت ۽ مناسب موقعا به ميسر هيا، قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ تفهيم تي غور و فڪر به رهيو، پر منهنجي علمي ڪم مائگي جي احساس تفسيرِ قرآن تي لکڻ جي خواهش کي اسرڻ نه ڏنو. هاڻي جڏهن زندگيءَ جو سفر پنجاسي سال تي پهتو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ”شرح البيان في فهم القرآن“ جي نالي سان هن حڪمت هدايت سان لبريز ڪتاب تي لکڻ جو خيال دل ۾ موجزن ٿيو. عمر جي ضعيفي، صحت ۽ توانائيءَ جي ڪميءَ باوجود الله عزّوجلّ تي مڪمل توڪل ڪري، انهيءَ اميد تي لکڻ شروع ڪيو ته:

گهڙيا سي چڙهيا ائين اتيئي
مئ متي مهراڻ ۾، پئ ٽپو ڏيئي
ته ميهار مليئي سنبوڙو سيڙاهه سين. (شاهه)

جڏهن رب ڪريم رحيم پنهنجي ٻانهي کان ڪو ڪم ڪرائيندو آهي ته ان جي صلاحيت ۾ به اضافو آڻيندو آهي ۽ شرحِ صدر سان نوازيندو آهي. خاص طرح قرآن حڪيم جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ عوام تائين پهچائڻ ۾ سندس توفيق ۽ اعانت زادِ راهه رهي آهي ۽ الله تبارڪ وتعالیٰ تي غيرمتزلزل پڪو ۽ پختو ويساهه ۽ مڪمل سپردگي، منزل مقصود تي پهچايو ڇڏي. تڏهن ته پٽ ڌڻيءَ چيو آهي:

سپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
ته قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪري حاج تو. (شاهه)

کارسازِ ما بفکرِ کار ما

فکرِ ما در کارِ ما آزارِ ما

الله هميشہ اسان جي ڪم جي فڪر ۾ رهي ٿو ۽ اسان جو فڪر اسان جي ڪم لاءِ آزار آهي.

منهنجو قلم سان ناتو پندرهن سالن جي عمر کان رهيو آهي. هيئنر تائين 12 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ حمد، نعت ۽ غزل جي شاعري ۽ ٻيا تصوّف ۽ سيرت تي مشتمل ڪتاب آهن، جيڪي پڙهندڙن پاران مانائتي موٽ ماڻي چڪا آهن. جديد دور پٽاندر انهن ڪتابن مان 9 ڪتاب آن لائين ٿي چڪا آهن، باقي ڪتابن تي پڻ ڪوشش هلي رهي آهي. هيٺ ڏنل ويب سائيٽ تان پڻ اهي ڪتاب پڙهي سگهجن ٿا.

https://mushtaqsacharvi.com/books/

سال 1950ع واري ڏهاڪي جا 8 سال ڪن ديني درسگاهه ۾ علوم اسلامي جي نهايت عمده استادن جي نگرانيءَ ۾ درسِ نظاميه جي حصول جو شرف حاصل ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ کان مولوي عربي، مولوي عالم، مولوي فاضل، ايم اي عربي (گولڊ ۽ سلور ميڊل)، ايم اي اردو ۽ ايل ايل بي جون سندون امتيازي حيثيت ۾ حاصل ڪيون. ڊگري ڪاليجن ۾ عربي ۽ اسلامي تعليم جي استاد ۽ آرمي آفيسر طور عربي ۽ اسلامي تعليم ۽ ترويج جي خدمت جاري رکي. ان عرصي دوران ۽ بعد ۾ اڄ تائين قرآن ۽ تفاسير جو مطالعو ترجيحي بنيادن تي رهيو، جنهن مون کي ڪتاب الله جو گرويده بڻائي ڇڏيو. ڪلام الله جي تاثير تي علامه اقبال رحمة الله عليه جو تبصرو آهي تہ:

ايں کتابے نيست چيزے ديگر است

هي ٻين ڪتابن وانگر عام ڪتاب نہ آهي، پر هي هڪ انوکي شيءِ آهي.

عمر جي هن آخري ضعيفي واري حصي ۾ صحت ۽ طبيعت جي ڪمزوريءَ باوجود جذبه عشق جوان ٿي اڀريو آهي تہ مان الله تعالىٰ طرفان عطا ٿيل سمجهہ، سگهہ ۽ صلاحيت جي مدد ۽ توفيق الاهي جي اعانت سان هن عظيم ڪتاب جي عظيم پيغام ۽ آخري الهام کي سنڌي زبان ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري سگهان. منهنجي هن نماڻي ڪوشش ۾ جيڪا بہ خوبي نظر آئي، اها الله طرفان وديعت ٿيل عطيو آهي. خدانخواسه ڪٿي ڪا ڪمي يا ڪوتاهي رهجي وئي تہ اهو منهنجي ڪم علمي ۽ ڪم مائگيءَ جو اظهار هوندو، جنهن لاءِ اصحابِ علم و دانش جي دعا ۽

رهنمائيءَ جو خواهان رهندس. معلوم اٿم تہ پوري حق ادائي نہ ڪري سگهان، پر ان هوندي بہ الله جي ڪلام ڪي عوام تائين پهچائڻ جو جذبو جاري آهي.

محبتیست کہ دل را نمی دہد آرام
ورنہ کیست کہ آسودگی نمی خواہد

عشق ۽ محبت آهي،جو دل کي آرام نٿو اچي، ورنہ آسودگي ڪنهن کي نہ گهرجي.

سائين مهر علي شاهہ گولڙا شريف جي چواڻي "ڪٿ مهر علي، ڪٿ تيري ثنا، گستاخ اکيان، ڪٿ جا اڙيان" سو منهنجا سائين! ڪٿ ڪلام الله جو اعجازي انداز ۽ ڪٿ مون جهڙي ڪم عقل، ڪم علم ۽ ڪم عمل واري ادنیٰ انسان جو عشقِ توانا. يعني پنهنجي ڪوتاهين، ڪمزورين ۽ اوڻاين جي باوجود الله طرفان عطا ٿيل بصيرت،اعانت ۽ استقامت سان ترجمو ۽ شرح لکڻ شروع ڪيا آهن، جنهن کي مولیٰ ڪريم پنهنجي ٻاجهہ ۽ فضل سان پار پهچائيندو ۽ قبوليت جو درجو عطا ڪندو.

محبت پائي مَن ۾، رنديا روڙيا جن
تن جو صرافن اڻ توريو ئي اگهايو. (شاهہ)

الله تبارڪ و تعالیٰ کان نهايت عجز ۽ انڪساريءَ سان دست بدعا آهيان تہ هو منهنجي هن نماڻي ڪاوش ۽ ڪوشش کي پاڻ وٽ قبوليت عطا ڪرڻ فرمائي. عوام لاءِ رهبريءَ جو ذريعو بڻائي ۽ مون لاءِ دنيا ۾ عزت،آبرو ۽ آخرت ۾ نجات جو ذريعو بڻائي.

قرآن ڪريم انسانن جي هدايت ۽ رهبريءَ جو الله طرفان موڪليل آخري ۽ دائمي پيغام آهي، جنهن ۾ بيان کي بار بار دهرائي، اهڙيءَ طرح پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن اصل مفهوم ۽ مطلب تائين رسائيءَ جو موقعو ملي سگهي. الله تعالیٰ جو ارشاد آهي:

وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِيۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِيَذَّكَّرُوۡا (بني اسرائيل: 41/17)

اسان قرآن جي پيغام کي سمجهڻ لاءِ مختلف انداز اختيار ڪيا آهن ۽ ان جي هر پهلوءَ کي چٽو ڪرڻ لاءِ وري وري پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن اصل حقائق پوريءَ طرح واضح ٿي سگهن.

ساڳي سورت ۾ آهي:

وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِیۡ ھٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ کُلِّ مَثَلٍ (بني اسرائيل: 89/17)

هن قرآن جا مضامين بار بار دهرايا ويا آهن ته جيئن پوريءَ طرح اصل معنىٰ ۽ مفهوم جو فيض حاصل ٿي سگهي ۽ سمورا پهلو نکري نروار ٿين.

سورة الکهف ۾ آهي:

وَلَقَدۡ صَرَّفۡنَا لِلنَّاسِ فِیۡ ھٰذَا الۡقُرۡاٰنِ مِنۡ کُلِّ مَثَلٍ (الكهف: 54/18)

ڏسو ته ڪهڙيءَ طرح اسان هن قرآن ۾ ماڻهن جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ هر قسم جي مضمون کي مثال ڏئي چٽيءَ طرح بيان ڪيو آهي.

هتان معلوم ٿيو ته قرآن ۾ جنهن به موضوع تي مختلف سورتن ۾ آيتون آيون آهن، انهن مان ڪنهن هڪ آيت تي راءِ قائم ڪرڻ بدران انهن سمورين هڪ جهڙي مضمون وارين آيتن جو مجموعي مطالعو ڪري، ان جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڪرڻ گهرجي، ان ڪري مون ڪوشش ڪئي آهي ته جنهن آيت بابت ٻين جاين تي به ذڪر آهي ته انهن آيتن جو حوالو ڏنو آهي. توڙي جو هيءُ ڪافي محنت ۽ دقت طلب آهي، اهو سمورو نه سهي، پر ڪافي ڪجهه موجود آهي، جنهن لاءِ عربي، فارسي، اردو تفسيرن کان استفادو حاصل ڪيو ويو آهي، جن ۾ ترجمان القرآن، تفهيم القرآن، ضياءُ القرآن، تفسير مظهري، احسن البيان، فيوض القرآن، درسِ قرآن، تفسير ابن ڪثير، اضواءُ البيان، اشرف البيان، ڪشف الاسرار، في ظلال القرآن ۽ لغات القرآن قابلِ ذڪر آهن. هي قرآن فهمي جي هڪ انساني ڪوشش آهي، جنهن ۾ منهنجي خواهش رهي آهي ته قرآن جي اصل پيغام کي وضاحت سان بيان ڪجي، ان ڪري انبياءِ عليهم السلام ۽ گذريل قومن جا تاريخي قصا بيان نه ڪيا آهن، جيڪي قصص القرآن ۽ قصص الانبياءِ جي تاريخي ڪتابن ۾ ڏسي پڙهي سگهجن ٿا. انهن جي بيان سان طوالت مضمون جو انديشو به هيو ۽ مون لاءِ اصل پيغام کي واضح ۽ چٽو بيان ڪرڻ به مقصود هيو.

جديد ۽ قديم تفسيرن جي تقابلي مطالعي جي روشنيءَ ۾ ڪجهه مشڪل مقامات کي آسان ۽ عام فهم زبان ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اردوءَ جي تفسيرن ۾ ترجمي جي خاص خاص هنڌن تي شمار نمبر ڏئي، ان خاص لفظ يا جملي جي وضاحت ڪئي وئي آهي، جنهن کي "تفسير" چئجي ٿو. مون آيتن جي ترجمي بعد آيتن جي مجموعي شرح جو طريقو اختيار ڪيو آهي، يعني شرح ٽڪرا ٽڪرا نه، پر مربوط مجموعي طور تي ڪئي آهي. قرآن ۾ ڪيترا موضوع يا الفاظ آهن،

جن کي کيترن هنڌن تي دهرايو ويو آهي. مون ڪوشش ڪري اهڙين آيتن جي شرح ۾ ملندڙ جلندڙ مضمون ۽ الفاظ جا حوالا ڏنا، قاريءَ کي ان مضمون ۽ لفظ جي تشريح لاءِ تفسير قرآن بالقرآن طور پيش ڪيو آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ آسان نه آهي، خاص طرح عربي زبان جي فصاحت، بلاغت ۽ الفاظ جي گهڻ معاني واري مفهوم کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻڻ ۽ ڪلامِ الاهيءَ جو ڪماحقه ترجمو ڪرڻ جي گنجائش نه ڏسي، مفهوم ۽ تفهيم جو سهارو ورتو ويو آهي. مثال طور "تقوىٰ" جو لفظ قرآن ۾ متقي، اتق ۽ تقوىٰ سان گهڻو ذڪر ٿيل آهي، جنهن جو مفهوم ۽ مطلب روءِ سخن مطابق آيو آهي. "اِتَّقُوا" هر هنڌ ڊڄو، ڊڄو جي معنىٰ ۾ نه آهي. آيتن جي شرح ۾ ساڳئي مضمون سان ملندڙ حديث شريف ۽ ڀٽائي گهوٽ، اقبال، سعدي، رومي، جامي جهڙن اهم شاعرن جا شعر ڏنا، وڌيڪ واضح ۽ دلچسپ بڻايو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پروف ريڊنگ ۾ غلطيءَ سبب مفهوم ۽ مطلب بدلجي ويندو آهي، ان ڪري قاري حضرات جي مشورن ۽ رهنمائيءَ جي هميشه دلپزيرائي ڪئي ويندي.

پنهنجي بي مائگي، ڪمزوري ۽ ضعيف عمريءَ جي تقاضائن ڪي ٻه ڄاڻان ٿو ته وري جذبهءِ ايماني، توڪل ۽ استقلال جي فراوانيءَ کي وڏي چاهه ۽ سڪ سان پنهنجي لاءِ رهبري ۽ رهنمائيءَ جو سامان بڻايو آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف جو هيءُ بيت اتساهه، همت ۽ جرئت پيدا ڪري ٿو:

هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين ڪر مَ پنڌ
رائي پڇ مَ رَند، رڙهه روحاني سسئي.

(سر سسئي آبري)

شروع ڪرڻ کان اڳ ته هي ڪم آسان لڳو ٿي، پر جڏهن هن بي ڪنڌي ڪنار بحر عميق ۾ هڪ ڀڳل ڪشتي لاتي يا سنگريز پهاڙن ۾ پير پٿون ڪرڻ نڪتس ته منزلِ مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه سڏ ڪري آٿت ڏني ته:

هٿين پيرين مونڙئين، هل ساڻ هنئين
عشق آري جام جو نيائي نَئين
جان جان ٿي جيئن تان پاڙج ڪونه پنهون سين

(سر معذوري)

هن مقدس سفر ۾ صبر، استقلال ۽ مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. ڪنهن شاعر جي بقول:

جگرِ شیر نداری سفرِ عشق مکن

شير جو جگر نٿو رکين، تہ پوءِ عشق جو سفر اختيار نہ ڪر.

سو منهنجا سائين! مان بہ پنهنجي پروردگار جي فضل، ڪرم، عطا ۽ نوازش جي هن پهاڙ کي سر ڪرڻ جو پڪو ۽ پختو ارادو ڪيو آهي.

مُنڌَ نہ منجهان تن ڏسي لڪ لڏن جي
جا پر ڪاهوڙي، سا پر سکي سسئي

۽ اهوئي منهنجي زندگيءَ جو اثاثو آهي، جو بارگاهِ الاهي ۾ حساب ڏيڻ وقت پيش ڪندس. وما توفيقي الا بالله.

هن سڳوري ۽ سعادت واري ڪم ۾ منهنجن مهربان دوستن مولانا حافظ بلال احمد انڍڙ صاحب پنهنجو قيمتي وقت ڏئي، قرآني آيتن ۽ سورتن جي سلسلي ۾ منهنجي مدد فرمائي. ان سان گڏ ياءُ محترم اسدالله پُنّي جو وڏو ساٿ رهيو آهي. شايد هن جي دلچسپي ونڻ کان سواءِ هي مرحلو طئي ڪرڻ مون لاءِ مشڪل هيو. منهنجو فرزند ارجمند ڊاڪٽر سعد حسين، جنهن جو قرآن فهميءَ سان لڳاءُ آهي، تنهن کان گلاسڪو ۾ رهائش دوران تفسير لکڻ وقت بهترين ماحول ۽ مشورا مليا. الله تعالىٰ کين دنيا ۽ آخرت جون سڀ ڀلايون عطا ڪري ۽ عاقبة بالخير ڪري. (آمين)

طالب عِلم

**ڪپتان غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي**

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سورة الفاتحه

هي مختصر مگر حقائق ۽ معاني سان لبريز، دلنشين ۽ دل آويز جليل القدر سورت، قرآن حڪيم جو آغاز ڪلام ۽ پوري ڪلام الله جو مختصر الفاظ ۾ مدعا ۽ مقصود آهي. هن سورت ۾ ٻانهڙي پاران پنهنجي رحمٰن، رحيم، رب العالمين ڪي عاجزانه درخواست آهي ته "اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ" مهربان رب جي پاران اجابت دعا جي جواب ۾ ارشاد باري تعالىٰ ذٰلِكَ الۡكِتٰبُ لَا رَيۡبَ فِيۡهِ هُدًى لِّلۡمُتَّقِيۡنَ آهي (البقره: 2/2). گويا هيءَ سورت پوري قرآن ڪريم جنهن ڪائنات جي ڪايا پلٽي، نظر و فڪر ۾ انقلاب پيدا ڪيو، جو اجمالي نقش يا نچوڙ آهي. ان ڪري هن کي "اُمُّ الڪتاب" يعني حقائق قرآني جو ماخذ، منبع ۽ سرچشمو سڏيو وڃي ٿو. هي "سبع المثاني" يعني بار بار ۽ ورائي ورائي پڙهي وڃڻ واري ستن آيتن واري سورت به آهي. هن کي "الشفاء" به سڏيو وڃي ٿو. يعني افراد ۽ اقوام جي انفرادي ۽ اجتماعي، جسماني ۽ روحاني بيمارين جو علاج به آهي، جيڪو پوري ڪائنات لاءِ يڪسان مؤثر ۽ مفيد ترياق آهي. حديث شريف آهي ته " لَا صَلٰوةَ اِلَّا بِفَاتِحَةِ الۡكِتَابِ" (صحيح بخاري: حديث 756 ڪتاب الاذان) يعني سورت فاتحه پڙهڻ کان سواءِ نماز نه ٿيندي. ٻي حديث پاڪ آهي: "لَا صَلٰوةَ لِمَنۡ لَّمۡ يَقۡرَاۡ فِيۡهَا بِفَاتِحَةِ الۡكِتَابِ" (صحيحين) يعني ان ماڻهوءَ جي نماز ڪانه ٿيندي، جنهن نماز ۾ فاتحة الڪتاب (سورت فاتحه) نه پڙهي هوندي. ان ڪري صحابه ڪرام رضوان الله تعالىٰ عنهم هن کي "سورة الصلواة" جي نالي سان به سڏيندا هيا. يعني اهڙي سورة، جنهن کان سواءِ نماز نٿي پڙهي سگهجي. قرآن ڪريم جو آغاز الفاتحة الڪتاب آهي. لفظ "فتح" جي معني آهي بندش جو دور ٿيڻ "اَلۡفَتۡحُ اِزَالَةُ الۡاِغۡلَاقِ وَالۡاِشۡكَالِ" يعني بندش ۽ مشڪلاتن جو دور ٿيڻ فتح آهي. بند

دروازو کلي وجي تہ "فتح الباب" چئبو ۽ جنگ ۾ ڪاميابي ٿئي ۽ سڀ رڪاوٽون، بندشون ۽ مشڪلاتون دور ٿي وڃن تہ ان کي بہ جنگ ۾ "فتح" سڏبو. جڏهن وحي الٰهي کلي ۽ سڀ بندشون دور ٿيون تہ سڀ کان پهريان هيءَ سورت سڳوري پوري ۽ مڪمل نمودار ٿي. هن کان اڳ ڪجهہ متفرق آيتون نازل ٿيون، جيڪي سورة العلق، سورة المزمّل ۽ سورة المدثّر وغيرها ۾ شامل آهن. هڪ حديث قدسيءَ ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي: " قَسَمْتُ الصَّلَاةَ بَيْنِيْ وَ بَيْنَ عَبْدِيْ " مون صلوٰة يعني سورة الفاتحه کي پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ تقسيم ڪيو آهي، جنهن ۾ ٻانهو اڌ سورت تائين الله جو حمد ۽ ان جي صفاتِ حَسنَه جو ذڪر ڪري ٿو ۽ باقي آخري اڌ سورت ۾ ٻانهي جو پنهنجي لاءِ اجتماعي طور سڌي رستي تي هلڻ ۽ هلائڻ واري هدايت لاءِ عرض آهي. هدايت جو لفظ عربي زبان ۾ "سڌو رستو ڏيکارڻ" يا سڌي رستي تي هلائڻ" ٻنهي لاءِ آيو آهي. هنن بيشمار خوبين جي ڪري سورت الفاتحه کي "قرآنِ عظيم" بہ ڪوٺيو ويندو آهي.

آيتون ٧ **سورة الفاتحة** (مكي سورت) ركوع ١

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ○

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱﴾ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿۲﴾
مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۳﴾ اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَ اِيَّاكَ
نَسْتَعِيْنُ ﴿۴﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ
الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ
وَلَا الضَّآلِّيْنَ ﴿۷﴾ ع

الله جي نالي سان (شروع ڪريان ٿو) جو وڏو مهربان ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي.

سڀ تعريفون الله جي لاءِ ئي خاص آهن (1) جو پروردگار تمام جهانن ڪي حدِ ڪمال تائين پهچائڻ وارو آهي (2) ڏاڍومهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي. (3) جيڪو ان ڏينهن جو مالڪ آهي، جنهن ڏينهن ماڻهن جو سندن اعمال جي بدلي ۾ جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو(4). (الٰهي) اسان صرف تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ رڳو توکان ئي (پنهنجي سمورين حاجتن ۾) مدد گهرون ٿا(5). (يا الله! تون پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان) اسان کي (فلاح ۽ سعادت واري) سڌي

**رستي تي ثابت قدميءَ سان هلڻ جي اعانت عطا ڪر (6). انهن (نيڪ) ماڻهن جو رستو، جن تي تو پنهنجا انعام اڪرام ڪيا ۽ نہ اُهي جيڪي غضب هيٺ آيل آهن ۽ نہ اُهي جيڪي ڀليل ڀٽڪيل آهن (7). (آمّين)**

(سورة الفاتحه پڙهڻ کان پوءِ سنت آهي تہ ”آمّين“ چوي يعني ”اِسۡتَجِبۡ“ اي مولاءِ ڪريم! منهنجي هيءَ دعا قبول ڪرڻ فرماءِ.)

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ: الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو ڏاڍو مهربان آهي ۽ دائمي رحمت جو مالڪ آهي. جنهن جي رحمت سان تمام مخلوقات لڳاتار مالامال ٿي رهي آهي. جهڙيءَ طرح قرآن ڪريم جو آغاز ”فاتحة الكتاب سان ڪيو ويو آهي تہ اهڙيءَ طرح هن سورت الفاتحه جي شروعات بہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان ڪئي وئي آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: ” كُلُّ اَمۡرٍ ذِيۡ بَالٍ لَا يُبۡدَاُ بِبِسۡمِ اللّٰهِ فَهُوَ اَبۡتَرُ “(نسائي- ابوداؤد- ابن ماجه- ابن حبان) يعني هر چڱي ڪم جي شروعات بسم الله سان نہ ڪئي وئي تہ اهو ڪم خير و برڪت کان خالي هوندو. ٻي حديث مبارڪ ۾ آهي ”اَغۡلِقۡ بَابَكَ وَاذۡكُرِاسۡمَ اللّٰهِ، وَاطۡفِئۡ مِصۡبَاحَكَ وَاذۡكُرِاسۡمَ اللّٰهِ وَ خَمِّرۡ اِنَاءَكَ وَاذۡكُرِاسۡمَ اللّٰهِ وَاَوۡكِ سِقَائَكَ وَاذۡكُرِاسۡمَ اللّٰهِ“ (تفسير القرطبي) يعني دروازو بند ڪريو تہ بہ بسم الله چئي بند ڪريو. لالٽين وسايو تہ بہ بسم الله چئي وسايو. پنهنجي برتن تي ڍڪ رکو تہ بہ بسم الله چئي رکو پنهنجي مشڪ جو منهن بند ڪريو تہ بہ بسم الله چئي بند ڪريو. حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَامُ بہ ٻيڙيءَ تي قدم رکيو تہ چيائين: ”بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖهَا وَ مُرۡسٰهَا “. حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَامُ ملكه سبا کي خط لکيو تہ ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ سان شروع ڪيائين، پر قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وقت ”بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ“ کان پهريان ”اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم“ پڙهڻ لازم آهي، ڇاڪاڻ تہ قرآن ڪريم ۾ حڪم آهي تہ ”فَاِذَا قَرَاۡتَ الۡقُرۡاٰنَ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ“(النحل: 98/16) يعني جڏهن قرآن حڪيم جي تلاوت ڪرڻ گهرو تہ پهريان پهريان اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ پڙهندا ڪريو.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ: حمد جي معنیٰ آهي "ثناءِ جميل" يعني ڪنهن جي بهترين صفت بيان ڪرڻ. هت "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ" مان مراد آهي تہ سڀ تعريفون صرف الله لاءِ ئي خاص آهن، جيڪو بيمثال حُسن و جمال ۽ لازوال جلال و ڪمال جو مالڪ آهي. ڪائنات جي نهايت حَسين و جميل نظارن تي نگاهہ وجهندي انسان جي اندر دل جي گهراين مان بي ساختہ جيڪي تحسين و تعريف جا جذبا زبان وسيلي ادا ٿين ٿا، انهن جو نالو حمد آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۾ رب پاڪ جي ربوبيت جا شاهڪار ۽ اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۾ رحمت جا خزانا بيشمار سندس حمد و ثنا جا دلفريب ۽ دلڪشا انداز آهن. قرآن حڪيم ۾ مؤمنن جي صفات مان "اَلۡحَامِدُوۡنَ" (112/9) يعني "حمد ڪندڙ" بہ آيو آهي. "وَ لَهُ الۡحَمۡدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ" (الروم: 18/30) آسمانن ۽ زمين ۾ حمد صرف انهيءَ جوئي آهي. "وَاِنۡ مِّنۡ شَيۡءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمۡدِهٖ" (بني اسرائيل: 44/17) ڪابہ اهڙي شيءِ ناهي، جيڪا حمد سان گڏ ان جي تسبيح نہ ڪندي هجي. "وَ يُسَبِّحُ الرَّعۡدُ بِحَمۡدِهٖ" (الرعد: 13/13) رعد (گرج گجگوڙ) هن جي حمد سان گڏوگڏ تسبيح ڪري ٿي.

سورة الفاتحه پهرين سورت آهي، جيڪا پوري سورت نازل ٿي آهي. هن ۾ ست آيتون آهن. "وَلَقَدۡ اٰتَيۡنٰكَ سَبۡعًا مِّنَ الۡمَثَانِيۡ وَالۡقُرۡاٰنَ الۡعَظِيۡمَ" (الحجر: 87/15) يعني اي نبي خَاتَمُ النَّبِيّٖن صلی الله عليه وسلم ! توکي اهڙيون ست آيتون ڏنيون ويون آهن، جيڪي بار بار پڙهيون وڃن ٿيون ۽ قرآن عظيم آهن. هن سورت جا ٽي حصا آهن: پهريون ٽي آيتون الله تعالیٰ جو حمد و ثنا آهن، آخري ٽي آيتون الله کان دعا آهن ۽ وچ واري چوٿون نمبر آيت الله ۽ ٻانهي جو عهد آهي. يعني اسان جا رحمٰن رحيم رب، روز جزا جا مالڪ! اسان توسان عهد ڪريون ٿا تہ عبادت، اطاعت ۽ فرمانبرداري رڳو تنهنجي حڪمن مطابق ڪنداسون، جنهن ۾ تنهنجي توفيق ۽ اعانت جي مدد گهرون ٿا، صراط مستقيم تي اسان جي رهنمائي ڪر. هي انهن پيارن سڳورن، نيڪ انسانن وارو اهو رستو آهي، جن کي تو دين ۽ دنيا جون نعمتون نصيب ڪيون، پر منهنجا رب! انهن غضب هيٺ آيل ۽ گمراهہ ٽيل ٽولي کان اسان کي بچائجانءِ، جيڪي تنهنجن نعمتن باوجود ناشڪرا ۽ منڪر ٿي غضب ۽ گمراهيءَ جي غار ۾ غرق ٿي ويا.

لفظ "الله" جو مادو "اله" آهي. "ال" اڳ سان "الله" پڙهجي ٿو، جنهن جي ڪنه

حقيقت هر طرح سان اسان جي تصور کان ماوراءُ الوراءِ هجي ٿي. عبادت ۽ اطاعت، محبت جو مرڪز ۽ هر حاجت روائي جو مرجع هجي. الله تي لام حرف جر آهي، جنهن ڪري زير آهي، باقي صفات رب العالمين، الرحمٰن الرحيم، مالڪ يوم الدين بدل آهن ۽ مجرور آهن. ”قَسَمۡتُ الصَّلَاةَ بَيۡنِيۡ وَ بَيۡنَ عَبۡدِيۡ نِصۡفَيۡنِ “ مان مراد به سورة الفاتحه آهي، جنهن کي الله پنهنجي ۽ ٻانهي جي وچ ۾ اڌواڌ ڪيو آهي.

سورة الفاتحه جو آغاز ”اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ“ سان ڪيو ويو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته سالڪ پنهنجي هر نيڪيءَ جي طلب جي شروعات الله تبارڪ و تعالىٰ جي حمد سان ڪن ته جيئن هو توفيق ايزديءَ سان منزل مقصود تي پهچي سگهن. حضرت ابوهريره رضي الله تعالیٰ عنه کان روايت آهي ته حضور خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جو ارشاد گرامي آهي: ”كُلُّ اَمۡرٍ ذِيۡ بَالٍ لَا يُبۡدَءُ فِيۡهِ بِالۡحَمۡدِ فَهُوَ اَبۡتَرُ“ (سنن ترمذي: ڪتاب النڪاح) هر چڱو ڪم، هر چڱي طلب جيڪڏهن الله جي حمد سان شروع نه ٿئي ته اهو اَبتَر يعني خير و برڪت کان خالي آهي.

پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن جي موجودگيءَ ۾ ڪنهن شخص نماز پڙهي هٿ کڻي الله تعالىٰ کان پنهنجي حاجت ۽ مشڪلات لاءِ دعا گهري ته پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن کين مخاطب ٿيندي چيو ته ”عَجِلۡتَ اَيُّهَا الۡمُصَلِّيۡ، اِذَا صَلَّيۡتَ فَقَعَدۡتَّ فَاحۡمَدِ اللّٰهَ تَعَالٰى بِمَا هُوَ اَهۡلُهٗ ، وَصَلِّ عَلَيَّ ثُمَّ ادۡعُهٗ.... اُدۡعُ تُجَبۡ (او ڪما قال) اي نمازي! تو (دعا گهرڻ ۾) جلدبازي ڪئي. توکي گهربو هيو ته تون جڏهن نماز پڙهي وينين ته تون سڀ کان پهريان الله جو حمد ڪر، جيڪو ان جي شايان شان آهي. ان کان پوءِ مون تي درود ۽ صلواة موڪل ۽ پوءِ پنهنجي (هر حاجت ۽ مشڪلات جي) دعا گهر ته قبول ٿي ويندي.

عربيءَ ۾ حمد جي معنىٰ ئي آهي سنيون صفتون بيان ڪرڻ. الحمد لله مان مراد آهي ته هر قسم، هر طرح، هر وقت حمد ۽ ثنا ۾ جو ڪجهه به چيو ويندو آهي، اهو صرف ۽ صرف الله تعالىٰ جي لاءِ خاص آهي. ”اَلۡحَمۡدُ“ جو لفظ عربي زبان ۾ ڪنهن جي خوبين ۾ ڪمالات جي اعتراف ۾ چئبو آهي، جيڪو الله لاءِ خاص آهي، پر جيڪڏهن انهن ڪمالات ۽ خوبين جو فيض ۽ تاثير حمد ڪندڙ تائين اچي، ته اهو شڪر به ٿي ويندو. جهڙيءَ طرح الاعراف: 7/ 43، يونس: 10/10، ابراهيم: 39/14 ۾ آيو آهي. هي ان جذبهءِ شڪر جي تعبير آهي، جيڪو الله تعالىٰ جي عالمگير ربوبيت بي پايان دائمي رحمت جي شاهدي

۽ قيامت جي ڏينهن فقط ان هڪڙي الله جي مالڪيت جي ذڪر سان پيدا ٿئي ٿو، جيڪو تمام خوبين ۽ صفتن جو مالڪ آهي، جنهن جي سندس شان مطابق قدرداني ڪرڻ ۽ احسان شناسي جو حق ادا ڪرڻ ٻانهي جو فرض آهي. هڪ حديث شريف ۾ لا الٰه الا الله ڪي افضل الذڪر ۽الحمد لله ڪي افضل الدعاء ٻه چيوويو آهي. (جامع ترمذي: حديث 3383) (آل عمران: 3/ 191- 189- التوبه: 9/ 112، الڪهف: 1/18، سبا: 1/34، الفاطر: 35/ 1)الحمد لله ميزان کي لبريز ڪري ڇڏي ٿو، ان ڪري حديث مبارڪ ۾ آهي تہ الله پسند ڪري ٿو تہ ٻانهو پنهنجي هر کاڌي پيتي تي الله جو حمد بيان ڪري. (صحيح مسلم)

رَبِّ: تمام جهانن جو پالڻهار. لفظ ”ربّ“ جي معنىٰ آهي ”تَبۡلِيۡغُ الشَّيۡءِ اِلٰى كَمَالِهٖ“ ڪنهن شيءِ کي ان جي درجهِ ڪمال تائين پهچائڻ. يا ”هُوَ اِنۡشَاءُ الشَّيۡءِ حَالًا فَحَالًا اِلٰى حَدِّ التَّمَامِ“ يعني ڪنهن شيءِ کي يڪي بعد ديگري مختلف حالتن ۽ ضرورتن مطابق ترقي ڏئي حدِ ڪمال تي پهچائڻ. ربوبيت بہ دراصل ڪنهن شيءِ کي ان جي صلاحيت ۽ استعداد جي مطابق ڏيري ڏيري حدِ ڪمال تائين پهچائڻ آهي. ربوبيت جو اهو خوبصورت منظر غور و فڪر ڪرڻ سان مخلوقات جي هر شيءِ ۾ چٽو نظر اچي ٿو. انسان، حيوان، نباتات، جمادات، هوا، بادل، برسات سڀ انهيءَ ربوبيت واري عطئي جي صدقي پنهنجي ترقيءَ جا منازل طئي ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن بُکئي کي کاڌو کارائي يا محتاج کي ڪجھ رقم ڏئي تہ ان عمل کي احسان، سخا يا ڪرم چئي سگهجي ٿو، پر ربوبيت نٿو سڏجي. ربوبيت لاءِ ضروري آهي تہ پرورش، نگهداشت ۽ گهربل ضروريات جو مسلسل ۽ لڳاتار اهتمام ۽ انتظام ڪري هر وجود جي استعداد ۽ استطاعت مطابق ان کي ان جي حد ڪمال ۽ مقامِ بلوغ تائين پهچائڻ آهي ۽ اهو سارو مرحلو محبت ۽ شفقت سان سرانجام پائي تہ ربوبيت آهي. هن ايڏي وڏي مخلوقات ۾ مختلف صورتن ۾ سندن ضرورتون بہ مختلف آهن، پر ربّ العالمين سيني جون ضرورتون سندن طبعيت، استعداد ۽ استطاعت مطابق پوريون ڪري ٿو.

الۡعٰلَمِيۡنَ: عالَم جو جمع بمعنىٰ عَلَم، علامت يا نشاني آهي، جنهن مان مراد مخلوقات جا تمام طبقا شيون ۽ جهان آهن. الله تعالىٰ جي ربوبيت جو رشتو انهن سيني سان يڪسان

۽ هڪ جهڙو آهي. رب العالمين مان انهيءَ لطيف نڪتي ڏانهن چٽو اشارو آهي تہ دين اسلام جو الله خاص قوم، نسل، وطن، زمان ۽ مڪان جو رب ۽ پالڻهار نہ آهي، پر سندس نوازشن جي برسات هر نيڪ بد، ڪاري، گوري، جهنگل، جهر، بحر و بر، زمين و آسمانن جي ذري ذري تي يڪسان باران آهي. اهو ساڳيو تصور ”رحمة للعالمين“ جي رحمت عام جو تمام جهانن تي آهي، باقي رهيو خدا جي فرمانبردار بندن ۽ خدا جي احڪام جي نافرماني ڪندڙ ماڻهن جو معاملو، ان جو اجر ۽ ثواب يا سزا ۽ جزا سندس اعمال جي مڪافات عمل جو لازمي نتيجو آهي.

**اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ**: ڏاڍو وڏو مهربان، بي انتها رحمت جو مالڪ آهي، جنهن جي رحمت سان تمام مخلوقات مستقل طور مالامال تي رهي آهي. هي ٻئي لفظ ”رحم“ ڪان ورتل آهن، جنهن مان مراد رحمت آهي. يعني الله تعالىٰ جي ذات پاڪ جيڪا سراپا رحمت بہ آهي ۽ جنهن ذات ڪان بي ڪران رحمت جو ظهور هميشہ جاري ساري آهي. دراصل هي ٻئي لفظ رحمت جي وسيع مفهوم ۾ هم معنىٰ بہ آهن تہ رحمت جي سدا پالوٿ واري فيضان جا جدا جدا مظهر بہ آهن. رحمت الله تعالىٰ جو اهڙو عطيو آهي، جو مخلوقات جي هر فرد، هر شيءِ کي بنا مزدوري معاوضي سندس ضرورت پوري ڪرڻ ۽ ڪيس حدِ ڪمال تائين پهچائڻ ۾ شامل حال رهندو آهي. الله تعالىٰ جي رحمت جو ڪاٿو ڪونهي. ”وَ رَحۡمَتِيۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَيۡءٍ“ منهنجي رحمت ڪائنات جي هر شيءِ کي گهيري ورتو آهي. ”كَتَبَ رَبُّكُمۡ عَلٰى نَفۡسِهِ الرَّحۡمَةَ“ (الانعام: 6/ 54- الاعراف: 156/7) الله پنهنجي رحمت جو فيضان پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو آهي. ”اِنَّ رَحۡمَتِيۡ تَغۡلِبُ غَضَبِيۡ“ (صحيحين) منهنجي رحمت منهنجي غضب تي غالب رهي ٿي.

هتي اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ کي رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ سان گڏ آڻي، ڪائنات جي تمام مخلوقات کي پنهنجي وسيع ربويت جي دامن ۽ بي حساب رحمت جي پناهہ ۽ پردي ۾ آڻي محفوظ ۽ ممنون ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح اَلرَّحۡمٰنِ سان گڏ الرَّحِيۡمِ جو ذڪرڪري، پنهنجي بيحساب، بيشمار ۽ لڳاتار رحمت جو يقين ڏياريو آهي. هن ڪائنات جي اندر جيڪو ڪجهہ حسن ۽ ڪمال نظر اچي ٿو، اهو رحمت الٰهي جي ظهور ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي، جيڪو ربوبيت ڪان بہ وسيع ۽ عام آهي. ان رحمانيت ۽ رحيميت جو ربوبيت سان گڏ هجڻ بي انتها شفقت ۽ محبت جو اظهار آهي.

مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ: ان ڏينهن جو مالڪ آهي، جنهن ڏينهن ماڻهن کي سندن اعمال جي بدلي ۾ جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو. مالڪ مان مراد اهڙو خودمختار ذات آهي، جنهن کي هر شيءِ تي ڪنهن ٻئي جي شرڪت کان سواءِ ڪامل اختيار هجي ۽ هر شيءِ ان جي قدرت ۽ قبضي هيٺ هجي. "لَهُ الْمُلْكُ وَ لَهُ الْحَمْدُ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" (التغابن: 1/64) انهيءَ مالڪ الملڪ جي اصل بادشاهي آهي ۽ سڀ ساراهون بہ انهيءَ کي سونهين. اهوئي هر شيءِ تي قادر آهي. "قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَ تَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ" (آل عمران: 26/3) (اي پيغمبر!) تون چؤ تہ اي الله! اي ملڪ جا مالڪ! تون جنهن کي گهرين تہ حڪومت ڏين ٿو ۽ تون جنهن کان گهرين حڪومت کسي وٺين ٿو. ابد کان ازل تائين ملڪ جو تون ئي حقيقي مالڪ آهين ۽ پنهنجي منشا مطابق ئي ڪنهن کي وقتي حڪومت ڏئين ٿو ۽ وري پنهنجي منشا مطابق ئي ان کان حڪومت کسي وٺين ٿو. الله تعالىٰ هن جهان اندر تہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن کي حڪومت بخشي ٿو، پر مالڪ يوم الدين حساب ڪتاب واري ڏينهن، جنهن ڏينهن عدل ۽ انصاف سان ماڻهن جي اعمال جو حساب ٿيندو ۽ سندن اعمال جي بدلي جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو تہ ان ڏينهن جو مالڪ ۽ اڪيلو مالڪ صرف الله تعالىٰ هوندو. " لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ " (المؤمن: 16/40) اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي، فقط الله واحد قهار جي. "اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ ؕ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ"(المؤمن: 17/40) اڄ هر ماڻهوءَ کي سندس ڪمائيءَ جو بدلو ملندو. اڄ ڪنهن سان بہ ظلم زيادتي نہ ٿيندي. يقينًا الله جلد حساب ڪرڻ وارو آهي. "يَوْمَ لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْـًٔا ؕ وَ الْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ" (الانفطار: 19/82) ان ڏينهن ڪا بہ هستي ڪنهن لاءِ بہ ڪو اختيار نہ رکندي. سڀ معاملو صرف الله جي هٿ ۾ هوندو. هي هوندو جزا جو ڏينهن. "فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ" (آل عمران: 25/3) پر انهن جو ان وقت ڇا حال هوندو، جڏهن قيامت واري ڏينهن جنهن جي اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي، اسان هنن کي پنهنجي حضور ۾ گڏ (جمع) ڪنداسون ۽ هر جان کي (پنهنجي عمل مان) جو ڪجهہ ڪمايو هوندو، ان موجب ان کي پورو پورو بدلو ملندو ۽ ڪنهن سان بہ ناانصافي ڪانہ ڪئي ويندي.

معلوم هئڻ گهرجي تہ خداوند ڪريم جي ربوبيت ۽ رحمت وارين صفتن بعد مالڪ يوم الدين جي صفت بيان ڪرڻ سان عدالت الٰهي جو تصور اسان جي ذهن ۾ اچي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪائنات ۾ مخلوقات، ربوبيت ۽ رحمت جي محتاج آهي، اهڙيءَ طرح ڪيس عدل جي بہ ضرورت آهي. هن ڪائنات جو سارو نظام عدل ۽ توازن تي قائم آهي. يقينًا ربوبيت ۽ رحمت جا مزا ماڻڻ ۽ انهن جي نعمتن جي فراواني حاصل ڪرڻ بعد ”ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ “ (التڪاثر: 8/102) يقينًا ان (حساب واري ڏينهن) اوهان کان انهن نعمتن بابت ضرور بضرور پڇاڻو ٿيندو. اهڙي ياددهاني بہ خداوند ڪريم جي ڪرم ۽ احسان جي نشاني آهي. ”الدِّين“ جو لفظ بہ جزا جي قانون جو اعتراف آهي، ان ڪري هتي بدلي ۽ مڪافات عمل جي معنىٰ ۾ آيو آهي.

اِيَّاكَ نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ: صرف تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا ۽ ڪندا رهنداسون، رڳو توکان ئي مدد گهرون ٿا ۽ گهرندا رهنداسون. هر طرح جي عبادت ۽ نيازمنديءَ جي مستحق صرف الله جي ذات ئي آهي. ”اِيَّاكَ“ جو لفظ چئي، تخصيص ڪئي وئي آهي تہ عبادت رڳو الله جي ئي ٿي سگهي ٿي. ٻي ڪابہ اهڙي هستي ناهي، جنهن جي عبادت ڪجي يا اهو عبادت جي لائق هجي. ”وَ مَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَ الۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ “ (الذاريات: 56/51) انسان ۽ جنن کي (الله جي) عبادت لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو آهي. الله جل شانه جهڙيءَ طرح پنهنجي ذات ۾ لاشريڪ آهي، اهڙيءَ طرح هو پنهنجي صفات ۾ بہ لاشريڪ آهي. ان ڪري هر طرح جي عبادت ۽ نياز جو مستحق صرف الله جي ذات ئي آهي. اهائي ذات پاڪ انسانن جي دانهُن ڪُوڪُن کي ٻڌي ٿي، دعائون قبول ڪري ٿي، حاجتون ۽ ضرورتون پوريون ڪري ٿي ۽ مشڪلاتون ۽ مصيبتون ٽاري ٿي. ان ڪري رڳو ان ذات والاصفات جي ئي عبادت ڪجي ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ ۾ رهڻ گهرجي ۽ رڳو ان جي ذات پاڪ کان ئي هر قسم جي مدد ۽ اعانت طلب ڪرڻ گهرجي. ان ڪري ”اَنۡ تَعۡبُدَ اللّٰهَ كَاَنَّكَ تَرَاهُ فَاِنۡ لَّمۡ تَكُنۡ تَرَاهُ فَاِنَّهٗ يَرَاكَ “ (صحيحين) تون الله جي اهڙيءَ طرح عبادت ڪر، ڄڻ تون ان کي پنهنجي آڏو ڏسي رهيو آهين، پر جيڪڏهن تون ان کي نٿو ڏسين تہ هو توکي ڏسي رهيو آهي. ”وَ هُوَ مَعَكُمۡ اَيۡنَ مَا كُنۡتُمۡ “ (الحديد: 57/ 4) اوهان جتي بہ هجو هو (الله) توهان

سان گڏ آهي. ”وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ“ (ق: 50/ 16) اسان هن کي سندس شهه رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون. عبادت بہ رڳوان جي ئي ڪرڻي آهي ۽ استعانت ۽ مدد بہ رڳو ان کان گهرڻي آهي. (البقره: 2/ 186- آل عمران: 3/8- 85-79 - المؤمن: 60/40)

ياد رکڻ گهرجي تہ هيءَ دنيا اسباب جي دنيا آهي، ان ۾ هڪ ٻئي کان ضرورتن مطابق مدد گهرڻ ۾ ڪو شرڪ يا ڏوهه نہ آهي. ”وَتَعَاوَنُوۡا عَلَى الۡبِرِّ وَ التَّقۡوٰى“ (المائده: 2/5) ۽ توهان نيڪي ۽ تقوىٰ جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪريو. اهڙيءَ طرح حضرت عيسىٰ عليه السلام بہ چيو هو تہ ”مَنۡ اَنۡصَارِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ“ (آل عمران: 3/ 52) الله جي دين لاءِ ڪير منهنجي مدد ڪندڙ آهي. (الصف: 13/60)

اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ: (يا الله! تون پنهنجي لطف وڪرم سان) اسان کي (فلاح ۽ سعادت واري) سڌي رستي تي ثابت قدميءَ سان هلڻ (هلائڻ) جي توفيق عطا ڪر. هدايت جي معنىٰ ئي آهي لطف و عنايت سان ڪنهن کي منزل مقصود تائين پهچائڻ. ان ڪري ڪنهن جي صحيح رهنمائي ڪرڻ“ راهه ڏيکارڻ يا سڌي رستي تي هلائڻ ئي هدايت آهي. الله ذوالجلال جي عظمت ۽ ڪبريائي بيان ڪرڻ بعد، سندس ربوبيت ۽ رحمت جي اعتراف ۽ اقرار بعد نهايت عجز و انڪساريءَ سان سندس ٻانهپ قبول ڪرڻ بعد ۽ هر مشڪل ۽ مصيبت ۾ سندس امداد ۽ استعانت جي يقيني هجڻ بعد ٻانهو پنهنجي رب رحيم آڏو دعا جا هٿ ڊگهيري ٿو ۽ عرضداشت پيش ڪندي چوي ٿو تہ مان ڪمزور آهيان، نفس جي گمراهين ۽ شيطان جي وسوسن جو شڪار آهيان. اهڙي پريشان ڪُن حال ۾ صرف تنهنجي ذات پاڪ ئي منهنجو سهارو ۽ آسرو آهي. يا الله! تون پنهنجي بنده نوازي ۽ ڪرم گستري وارين سهڻين صفتن سان مون کي سڌي رستي تي ثابت قدميءَ سان هلڻ جي توفيق ۽ اعانت عطا ڪري منزل مقصود تي پهچائي ڇڏ. حضور عليه الصلواة والسلام جن جو فرمان آهي:”اَلدُّعَآءُ يَرُدُّ الۡقَضَآءَ“ دعا تقدير کي بہ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. ”اَلدُّعَآءُ مُخُ الۡعِبَادَةِ“ دعا عبادت جو مغز يعني جوهر، خلاصو يا نچوڙ آهي. ”اَلدُّعَآءُ سِلَاحُ الۡمُؤۡمِنِ وَ عِمَادُالدِّيۡنِ وَ نُوۡرُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ“ دعا مؤمن جي حفاظت جو هٿيار آهي، دين جو ستون آهي ۽ آسمانن ۽ زمين جو نور آهي. ”اَلدُّعَآءُ هُوَ الۡعِبَادَةِ“ دعا خود عبادت آهي. قرآن

ڪريم جو ارشاد آهي: " اُدۡعُوۡا رَبَّكُمۡ تَضَرُّعًا وَّ خُفۡيَةً " (الاعراف: 7/ 55) پنهنجي رب کان نهايت عجز و انڪساري ۽ ڌيمي ڌيمي آواز ۾ دعا گهرو. "وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِىۡ عَنِّىۡ فَاِنِّىۡ قَرِيۡبٌ ؕ اُجِيۡبُ دَعۡوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ" (البقره: 2/ 186) جڏهن بہ منهنجا ٻانها توکان مون بابت پڇا ڪن تہ ڪين ٻڌاءِ تہ مان (انهن ڪي) ويجهڙو آهيان ۽ هر دعا گهرندڙ جي دعا قبول ڪندو آهيان. صراط مستقيم جي طلب ۾ دعا جو مفهوم هن دنيا جي زندگيءَ ۾ تمام جائز حاجتن، ضرورتن پوري ٿيڻ، مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي دور هجڻ ۽ عاقبت ۽ آخرت جي فلاح ۽ نجات جو رستو اختيارڪرڻ آهي. سورة الاعلىٰ ۾ آهي: " الَّذِىۡ خَلَقَ فَسَوّٰى وَ الَّذِىۡ قَدَّرَ فَهَدٰى " (87/3-2) اهو الله جنهن هر شيءِ ڪي پيدا ڪيو ۽ پوءِ ان ڪي درست (طاقتور توانا) ڪيو. پوءِ ان ڪي هڪ خاص مقدار ۽ انداز ۾ آندو، پوءِ هن تي هدايت جي راهہ کولي ڇڏي. يعني تخليق کان آخر ايام تائين سندس دنياوي ۽ ديني رهبريءَ جو پورو پورو انتظام ڪيو ويو. "قَالَ رَبُّنَا الَّذِىۡۤ اَعۡطٰى كُلَّ شَىۡءٍ خَلۡقَهٗ ثُمَّ هَدٰى" (طٰـهٰ: 50/20) (موسىٰ عليه السلام) چيو تہ اسان جو پالڻهار اهوئي آهي، جنهن هر شيءِ جي تخليق ڪئي ۽ پوءِ هن تي راهِ عمل کولي ڇڏي. يعني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ رهبري ۽ رهنمائيءَ جي راهہ کولي ڇڏي تہ جيئن هو هن دنيا ۾ عزت ۽ عافيت واري زندگي گذاري پنهنجي آخرت ۽ عاقبت سنواري سگهي.

**صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ**: انهن نيڪ ماڻهن جو رستو جن تي تو پنهنجا انعام و اڪرام ڪيا، جيڪي نہ غضب هيٺ آيل آهن ۽ نہ ڀٽڪيل آهن. خدا ترس، حق شناس، پرهيزگار ۽ محتاط زندگي گذارڻ ورا ماڻهو، جيڪي ظلم و زيادتي، فتنہ فساد، قتل و غارتگري جهڙين خرابين کان بچندا رهيا. انفاق في سبيل الله، خلق خدا جي خدمت ۽ اعانت، عدل ۽ انصاف جا داعي، حق ۽ سچائيءَ جا پيروڪار، نيڪي ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ پيش پيش، ارڪان اسلام جا پابند، سچا ۽ ديندار مؤمن آهن، جن لاءِ قرآن حڪيم جي بشارت آهي تہ "وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ" (البقره: 2/ 62) جيڪي هر خوف کان بچيل ۽ هر غم کان محفوظ آهن. "رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَ رَضُوۡا عَنۡهُ ذٰلِكَ لِمَنۡ خَشِىَ رَبَّهٗ" (البيّنه: 98/ 8) الله هنن کان راضي آهي تہ هو الله کان راضي آهن. اهو اعلىٰ مقام انهن ڪي ملي ٿو، جيڪي خدا ترس انسان آهن. " وَ الَّذِيۡنَ يَجۡتَنِبُوۡنَ كَبٰٓئِرَ الۡاِثۡمِ وَ الۡفَوَاحِشَ وَ اِذَا مَا غَضِبُوۡا

هُمۡ يَغۡفِرُوۡنَ" (الشوریٰ: 37/42) هي اهي پلارا انسان آهن، جيڪي ڪبيره گناهن ۽ بيحيائيءَ جي ڪمن کان بچندا آهن ۽ جڏهن بہ ڪاوڙ يا غصي ۾ اچن ٿا تہ (مخالف ڌر کي) معاف ڪري ڇڏين ٿا. "اَلَّا تَخَافُوۡا وَ لَا تَحۡزَنُوۡا وَ اَبۡشِرُوۡا بِالۡجَنَّةِ الَّتِیۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ"(حٰمٓ السَّجده: 30/41) اهڙن نيڪ ماڻهن کي الله تعالیٰ جي طرفان خوشخبري ڏني وڃي ٿي تہ اوهان کنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ نہ ڪريو، نہ وري کنهن غم ۾ مبتلا ٿيو. اوهان کي ان جنت جي بشارت ۽ خوشخبري هجي، جنهن جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو هيو. "وَمَنۡ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوۡلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمَ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيۡقِيۡنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيۡنَ ۚ وَ حَسُنَ اُولٰٓئِكَ رَفِيۡقًا" (النساء: 69/4) (اهڙاماڻهو) جيڪي الله ۽ الله جي رسول جي اطاعت ڪن ٿا اهي (قيامت جي ڏينهن) انهن ماڻهن سان گڏ هوندا، جن تي الله پنهنجا انعام ڪيا يعني انبياء، صِدّيقِين، شهداء ۽ صالحين ۽ اهڙن (پلارن سڳورن ماڻهن) جي رفاقت ۽ معيّت (گڏ هجڻ) تمام پلي ڳالهہ آهي.

غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا الضَّآلِّيۡنَ: نہ اهي جيڪي تنهنجي غضب هيٺ آيل آهن. جيڪي صراط مستقيم کان ٿڙڪي گمراهہ ٿي ويا آهن. جيڪي حق ۽ سچ معلوم هوندي بہ ذاتي شرارت ۽ فتني سبب ڄاڻي ٻجهي غلط رستو اختيار ڪن، جن جو مثال يهودي آهن. "وَمَنۡ يُّبَدِّلۡ نِعۡمَةَ اللّٰهِ مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ" (البقره: 211/2، المائده: 13-14/5) ۽ جيڪو بہ الله جي نعمتن جي بداعماليءَ ۾ تبديل ڪري ٿو، ان لاءِ الله جو عذاب (غضب) آهي. "الضَّآلِّيۡنَ" ۽ نہ اهي جيڪي پليل ۽ ڀٽڪيل آهن، جيڪي عقيدي ۾ غلو ۽ زيادتيءَ جو شڪار ٿي وڃن. جيئن عيسائي حضرت عيسیٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ بابت پنهنجي عقيدي ۽ اعتقاد ۾ گمراهہ ٿي ويا. "قُلۡ يٰۤاَهۡلَ الۡكِتٰبِ لَا تَغۡلُوۡا فِیۡ دِيۡنِكُمۡ غَيۡرَ الۡحَقِّ" (المائده: 5/ 77) اي اهل ڪتاب! پنهنجي دين ۾ ناحق غلو يا حدکان وڌي وڃڻ جي نہ ڪريو.

هي اهڙا انسان آهن، جيڪي خدا جي غضب هيٺ آيل آهن ۽ جيڪي پليل ڀٽڪيل آهن. جن جي زندگي بنا احتياط جي گذري ٿي، جيڪي حلال حرام، حق ناحق، سچ ڪوڙ، ظلم انصاف، جائز ناجائز، خير شر، نيڪي بدي وغيرها جو فرق محسوس نٿا ڪن. رشوت، رياخوري، گلا، غيبت، ظلم زيادتي، قتل غارتگري، فتنو فساد، فحاشي

عرياني، عياشي، فضول خرچي، بخل ڪنجوسي جهڙن مڪروهہ ۽ ممنوع ڪمن ۾ محوِ خواب آهن. "اَلَّذِیۡنَ یُفۡسِدُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا یُصۡلِحُوۡنَ " (الشعراء: 152/26) جيڪي زمين ۾ فساد برپا ڪن ٿا ۽ اصلاح جي ڪمن کان عاري آهن. " اِنَّ الَّذِیۡنَ یَسۡتَکۡبِرُوۡنَ عَنۡ عِبَادَتِیۡ سَیَدۡخُلُوۡنَ جَہَنَّمَ دٰخِرِیۡنَ" (المؤمن: 60/40) يقين ڄاڻو تہ جيڪي ماڻهو منهنجي عبادت کان خودسري (وڏائي) ڪن ٿا، اهي اجهو ذليل و خوار ٿي جهنم رسيد ٿيندا. "اَفَمَنۡ کَانَ مُؤۡمِنًا کَمَنۡ کَانَ فَاسِقًا " (حٰـمٓ السَّجده: 18/32) ڇا مؤمن ڪنهن فاسق جهڙو ٿي سگهي ٿو. اهي برابر نٿا ٿي سگهن. خدا جي انعام ۽ اڪرام يافتہ ماڻهن ۽ جيڪي غضب هيٺ آيل پٽڪيل، خوار ۽ ذليل انسان آهن، انهن ٻنهي گروهن جي مثالن سان قرآن ڪريم ڀريو پيو آهي. (البقره: 2 / 200- 199، آل عمران: 3/ 91- 90، الانعام: 77/6- الاعراف: 7/ 152- الحجر: 15/ 49 کان 52، طٰـهٰ: 20/ 52- الشعرآء: 26/ 20- الصّٰفّٰت: 37/ 71-70-69- الجاثيه: 45/ 23- الصّف: 5 / 61) دعا آهي تہ الله تعالىٰ اسان سڀني کي پنهنجي پيارن ۽ سڌي راهہ وارن مان ڪري ۽ اهڙن گمراه ۽ غيرمحتاط ماڻهن جي صحبت ۽ سنگت کان محفوظ رکي. (آمين)

ياد رکڻ گهرجي تہ بني اسرائيل (يهود و نصارىٰ) تي بہ قرآن ڪريم ۾ الله جي نعمتن جو ذڪر آهي. یٰبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ اذۡکُرُوۡا نِعۡمَتِیَ الَّتِیۡۤ اَنۡعَمۡتُ عَلَیۡکُمۡ (البقره: 2/ 40، 47) اي بني اسرائيل! منهنجي ان نعمت کي ياد ڪريو، جيڪا نعمت مون اوهان تي ڪئي ۽ اوهان کي ان وقت جي قومن تي فضيلت ۽ برتري عطا ڪئي. پر يهود ۽ نصارىٰ الله سان ڪيل وعدن جي ڀڃڪڙي ڪئي، خدا جي نعمتن جي ناشڪري ڪندي ڪفر ۽ شرڪ واري واٽ اختيار ڪئي. سندن عالمن ۽ راهبن توريت ۽ انجيل ۾ تحريف ڪري، پاڻ کي ۽ پوري قوم کي گمراهيءَ جي آڙاهہ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي عاقبت خراب ڪئي، ان ڪري خدا جي غضب ۽ ضلالت جا مرتڪب ٿيا. (اعاذنا الله)

حديث شريف ۾ بہ "غَیۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَیۡہِمۡ" مان مراد يهود آهن، ڇوتہ هو حق ڄاڻڻ بعد بہ انڪاري ٿي ويا. ۽ "لَا الضَّآلِّیۡنَ" مان مراد النصارىٰ آهن، جيڪي جهالت سبب حق کي ڄاڻن ئي نٿا.

———●●●———